SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XLI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XLI OF 1984

سوسائٽيز رجسٽريشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SOCIETIES REGISTRATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1860 جي سنڌ ايڪٽ XXI جي دفعه 16_A جي ترميم
Amendment of section 16-A of Sindh Act XXI of 1860

سنڌ آرڊيننس نمبر XLI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XLI OF 1984

سوسائٽيز رجسٽريشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SOCIETIES REGISTRATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[11 نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 ۾ ترميم ڪئي ويندي ته جيئن ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ جي قابل بڻايو وڃي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته وفاقي شرعي عدالت سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، ته جيئن ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ جي قابل بڻائي سگهجي؛

۽ جيئن ته سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 ۾ ترميم ڪرڻ مقشصد آهي، ته جيئن ان کي صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ جي قابل بڻائي سگهجي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تڪميل ۾ گورنر سنڌ بخوشي هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سوسائٽيز رجسٽريشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1860 جي سنڌ ايڪٽ XXI جي دفعه 16_A جي ترميم

Amendment of section 16-A of Sindh Act XXI of 1860

2. سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 ۾، صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ ان جي دفعه 16_A جي ذيلي دفعه (1) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو:

“ڪنهن گورننگ باڊي کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ معطل نہ ڪيو ويندو.”.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي